# بارن لاء بائبل
# تحفو



## جد عون جي
## ننڊي فوج

لکيل پاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: Janie Forest
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: Ruth Klassen

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan

ڻاهيل پاران: Bible for Children
www.M1914.org

©2025 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي،
جيئن جيسيتائين تون ان کي وڪرو نٿا ڪريو.



يشوع جي مرڻ کان
پوءِ، بني اسرائيل جي
سڀني ماڻهن خُدا جي
نافرماني ڪئي ۽ ڪيس
پنهنجي زندگي مان ڪڍي
ڇڏيو. خُدا پاڙيسري
مديانين کي بني
اسرائيل جي

فصلن ۽ گهرن کي ساڙي
ڇڏيو. بني اسرائيلن کي
غارن ۾ رهڻو پيو.



هڪڙي اسرائيلي، جدعون، وٽ ضرور
ڪڻڪ پوکڻ لاء هڪڙي ڳجهي جڳهه
هئي جنهن. هن اناج کي هڪ وڏي
وڻ هيٺان لڪايل شراب خاني ۾
اچلايو. مديانين کي ان
جڳهه جي خبر

نه هئي - پر خُدا ڪيو!
خُدا هڪ فرشتي
کي جدعون لاء
هڪ پيغام سان
موڪليو.

خُدا چاھيندو ھو ته جدعون پنھنجي پيءُ جي غلط ديوتا جي تصوير کي تباھه ڪري ۽ سچي خُدا ڏانھن قربان گاھه ٺاھي. جيتوڻيڪ جدعون ڊڄي ويو ته سندس قوم ڪيس ماريندا، پر ھن ائين ڪيو جيڪو خُدا حڪم ڏنو.



خُدا پڻ چاهيندو هوته بچڙن مديانين جي خلاف جدعون اسرائيل جي فوج جي اڳواڻي ڪري. پر جدعون ٻڇي ويو. هن هڪ خاص نشاني لاء پڇيو ته خُدا هن سان گڏ آهي. پوءِ هن زمين تي رڍن جي وارن وارو چمڙو رکيو.





جدعون دعا
ڪئي، "اي
خُدا جيڪڏهن
رڳو اون تي
ماڪ هُندي،
۽ ٻي سڄي زمين
سڪيل هُندي، پوء مون کي خبر
پئجي ويندي ته تون منهنجي هٿن سان
اسرائيل کي بچائيندين، جيئن تو چيو آهي." صبح
جو، زمين سڪي هئي، پر اون پُسل هئي!

جدعون اجا تائين شڪ ۾ پيو.
هاڻي هو چاهي ٿو ته خُدا زمين تي
اوس موڪلي پر اون تي نه. ٻئي
صبح - زمين پُسل هئي، پر اون
سڪيل هئي!



جدعون 32,000 جي فوج سان گڏ شروع ڪيو. خُدا ان کي صرف 300 مردن تائين گهٽ ڪري ڇڏيو. خُدا نه پئي چاهيو ته بني اسرائيل چون ته "منهنجي هٿ مون کي بچايو آهي." اڪيلو خُدا بني اسرائيل جو ڇوٽڪارو ڏيندڙ هو.



جدعون کي خبر پئي ته اجا به ٻجي پيو، خُدا هن کي ڳجهي طور تي ٻڌي ته هڪ مدياني سپاهي ٻئي کي هڪ عجيب خواب بابت ٻڌاي ٿو. خواب ۾، مانيءَ جو هڪ ٿلهو هڪ مدياني خيمه جي مٿان ٽڙي پيو ۽ ان کي تباهه ڪري ڇڏيو.



پيو محافظ ٻچي ويو. هن رڙ ڪئي ته "هيءَ
آهي... جدون جي تلوار...". جڏهن جدعون
خواب ۽ ان جي معني ٻڌي، هن کي خبر پئي
ته خُدا ڪيس فتح ڏيڻ وارو هو.



جدعون هڪ رات جي حملي جو منصوبو ٺاهيو. هن هر سپاهيءَ کي هڪ صور ڏنو، ۽ اندر ۾ مشعلن سان پريل خالي پيالا. انهن مدياني فوج کي گهيرو ڪيو.



جدعون جي اشاري تي، سپاهين پنهنجا صور وڄايا، پنهنجا گهڙا ڀڃي ڇڏيا ۽ مشعلون ٻاريائون. ڪهڙو شور! ڪهڙو مونجهارو! خوفزده مدياني اٿي ڀڄي ۽ ڀڄي ويا.



هن عظيم فتح کان پوءِ، بني اسرائيل جي ماڻهن جدعون کي
انهن تي حڪومت ڪرڻ لاءِ چيو. "مان توهان تي حڪمراني
نه ڪندس. خُداوند توهان تي حڪومت ڪندو،" جدعون جواب
ڏنو. هو چاهي
ٿو ته ماڻهن
جي زندگين ۾
حڪمراني
ڪرڻ
جو حق
صرف خُدا
کي آهي.



# جد عون جي ننڍي فوج

## خُدا کان هڪ ڪهاڻي ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

## قاضين 6-8

"تنهنجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ٿوڏئي."

زبور 119: 130

ختم

15

60

هيءَ ڪهاڻي اسان جي عجيب خُدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانکي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته ڪيس اسان ڄاڻون.

خُدا ڄاڻي ٿو ته اسان تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين کي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽ گناهه جو اجر موت آهي،پر خُدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوءِ يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽ آسمان ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان پهنجن گناهن جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٽ ايندا ۽ توهان جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاءِ ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائ آهي ته خُدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خُدا آهيوۦ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽ منهنجي گناهن لاءِ مري ويوۦ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ڏيءَ ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڑھو ۽ هر روز خُدا ساڻ ڳالهايو.